پارن لاء بائبل

تحفو



# اليشع، معجزن وارو انسان

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توہن ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



هرءَ لاءِ  ڏاند ڪافي نه هئا. هڪ ٻئي ڏاند جي ضرورت هئي.
اهو اليشع نالي هڪ نوجوان هاريءَ
کي روڪي نه سگهيو. هن پاڻ کي هر
سان ڳنڍيو، ۽ ان جي جاءِ ورتي، جيڪو
ڏاند نه هو. هو هڪ مضبوط،
هوشيار محنتي
ماڻهو
هوندو.



جڏهن اليشع هرءَ هلائي رهيو هو
تہ خُدا جو نبي ايلياه آيو ۽ کيس
سڏيو. هڪ نوجوان پنهنجي ٻنيءَ
کي ڇڏي خُدا جو ٻانهو بڻجي ويو.
هڪ ڏينهن، خُدا ايلياه کي آسمان
ڏانهن هڪ طوفان ۾ وٺي ويو.
هاڻي اليشع بني اسرائيل ڏانهن
خُدا جو نبي هو.



3

جيتوڻيڪ اليشع غمگين هو ڇاڪاڻ تہ
ايلياه هليو ويو هو، هن دعا ڪئي تہ خُدا
هن کي ايلياه وانگر ساڳيو طاقت ڏئي.
اليشع ايلياه جي چادر کي کنيو، ۽
ايلياه وانگر درياء جي وهندڙ پاڻي
کي ماريو. پاڻي ورهايل
آهي! هاڻي اليشع ڄاڻي
ٿو تہ خُدا ساڻس گڏ آهي.



4

جڏهن اليشع بيت ايل نالي
شهر ڏانهن وڃي رهيو هو،
تڏهن ڪن ڇوڪرن مٿس
ٺٺوليون ڪندي چيو تہ
"گنجي مٿي وارا اوهين مٿي
وڃو!" انهن کي پرواه نه
هئي تہ اليشع خُدا جو خادم
هو. انهن سان هڪ حيرت
انگيز واقعو ٿيو. ٻيلي مان
ٻہ رڇَ نڪري آيا ۽ ٻهتاليهي
ٻارڻ کي ڇيپاٽي ٽڪر ٽڪر
ڪري ڇڏيائون.



5

هڪ ڏينهن اليشع هڪ بيوه سان ملاقات
ڪئي جنهن تي پئسا قرض هئا
جيڪي هوء واپس نه ٿي
ڪري سگهي. پئسا وٺڻ
لاءِ، سندس قرضدار
بيواهه جي ٻن پٽن کي
غلام بڻائي وٺي وڃين
رهيوهو. "وڃ، پنهنجي
سيني پاڙيسرين کان ٿان
اُڌهر وٺ... خالي ٿان،"
اليشع چيو. خُدا ان عورت لاءِ
ڪجهه عجيب
ڪرڻ وارو هو.



6

بيواه وٽ گهر ۾ تيل جو
هڪڙو ننڍڙو پيالو هو. پر
ان ننڍڙي ٿانءَ مان هن ايترو
تيل پريو هو جو اهي سيئي
ٿان پرجي سگهن! جيڪڏهن
انهن وٽ غسل خانا ۾
ودهيڪ وڏا ٿان به هجن ها،
ڇا توهان سمجهو ٿا تہ خُدا
انهن کي بہ پري ها؟ بيوه
انهي تيل کي وڪڻي پنهنجي
پٽن کي بچائي ورتو.



7

هڪ ٻي عورت ۽ ان
جي مڙس پنهنجي گهر
۾ هڪ خاص ڪمرو
ٺاهيو تہ جيئن اليشع مٿي
تہ اتي رهي سگهي.
ڪمري ۾ انهن
هڪ پلنگ، هڪ
ميز، هڪ ڪرسي ۽
هڪ شمعدان رکيو. اهو
ڪمرو هميشه اليشع لاءِ
مخصوص ڪيوويو هو.



8

اليشع انهي ڪري حيران ٿي ويو ته هو هن جوڙي جي احسان
کي ڪيئن موٽائي سگهي ٿو. جڏهن هن کي خبر پئي ته انهن
کي ڪو به اولاد نه آهي، تڏهن هن هڪ اهڙي ڳالهه ڪئي
جنهن تي عورت يقين نه ڪري سگهي. "ايندڙ سال هن وقت،
توهان هڪ پٽ کي
جنم ڏيندين." يقينن،
هڪ سال بعد،
ٻار پيدا ٿيو.



9

ڪجهه سالن کان پوءِ اهو ساڳيو ٻار پنهنجي پيءُ سان گڏ ٻنين
۾ هو. "منهنجو مٿو، منهنجو مٿو،" ڇوڪرو روئڻ لڳو. جڏهن
اهي ڇوڪر کي پنهنجي ماءُ وٽ وٺي آيا، تڏهن هو منجهند
تائين گوڏن پر ويهي رهيو، ۽ پوءِ مري ويو. ماءُ ڇوڪر کي
اليشع جي ڪمري ۾ بستري تي ليٽايو. توهان سوچيو ته ڪير
هن جي مدد ڪري سگهي ٿو؟



10

ڇا توهان چيو اليشع؟ اهو درست آهي! هوءَ هڪ گڏهه تي
زين هڻي ۽ ڪيس ڳولڻ لاءِ پوري رفتار سان هلي وئي. اليشع
پنهنجي گهر آيو، اڪيلو مٿي ويو ۽ خُداوند کان دعا گهُري. خُدا
ڇوڪري کي ٻيهر جيئرو
ڪيو. اليشع ان عورت کي
سڏي چيو ته
"پنهنجي پٽ
کي وٺينس."
هوءَ ڪيتري
نه خوش ٿي
هوندي!



11

سامريه جي پرسان ملڪ ۾ نعمان
نالي هڪ لشڪر جو سردار رهندو
هو. هو بهادر ۽ مضبوط هو، پر
هن کي چمڙي جي هڪ خوفناڪ
بيماري هئي، جنهن کي ڪوڙهه
جو مرض سڏيو ويندو هو.



12

نعمان جي زال کي هڪڙي
ننڍڙي ٻانهي ڇوڪري هئي،
جنهن کي بني اسرائيل کان
اسير ڪري آندو ويو هو.
هن ننڍڙي ڇوڪري چيو ته
"جيڪڏهن نعمان انهيءَ نبيءَ
سان گڏ هجي هاءَ، جيڪو
بني اسرائيل ۾ آهي! ڇاڪاڻ
ته هو هن کي پنهنجي
ڪوڙهه جي مرض
کان شفا ڏي ها."



13

نعمان هڪدم نبيءَ کي ڏسڻ لاءِ روانو ٿيو. چاندي،
سون ۽ خوبصورت ڪپڙا تحفا طورگڏ وٺي ويو.



14



اليشع جو نوڪر ٻاهر نڪري آيو
۽ چيائين تہ "وڃ، درياءَ يردن
۾ ست دفعو غوطا کائنس،
تہ تون پاڪ صاف ٿيندين."
نعمان کي ڪاوڙ لڳي.
ڇا هو پنهنجي سرزمين،
سامريہ جي صاف، تازن
دريائن ۾ نہ ڌوئي سگهيو
ٿي؟ ڪاوڙ ۾، هو ڦري
گهر ڏانهن روانو ٿيو.

15



خُوش قسمت نعمان لاءِ، سندس
نوڪرن کيس اليشع جي
حڪم جي فرمانبرداري
ڪرڻ لاءِ ڳالهايو.
تنهنڪري نعمان هيٺ لهي
ويو ۽ ست دفعو يردن ۾ ٻڏي
ويو. ۽ نعمان کي ڪوڙهہ
جي مرض کان شفاءَ ملي وئي!
پوءِ نعمان سچي خُدا، اليشع جي
خُدا، خُداوند جي عبادت ڪئي،
جنهن کيس ڪوڙهہ جي مرض
کان شفا ڏني هئي.

16



خُدا پنهنجي خادم اليشع کي
مرڻ کان پوءِ بہ استعمال ڪيو.
هڪڙي ڏينهن، هڪڙي ماڻهوءَ کي
غار ۾ دفن ڪيو ويو جتي اليشع کي
گهڻو اڳ دفن ڪيو ويو هو. جڏهن
انسان جي مئل جسم کي نبيءَ
جي هڏين کي ڇهيو تہ اهو
شخص جيئرو ٿي پنهنجي
پيرن تي بيٺو. سچ پچ، خُدا
پنهنجي وفادار خادم، اليشع
جي ذريعي پنهنجي عظيم
طاقت ڏيکاري.

17

اليشع، معجزن وارو انسان

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

٢سلاطين٢ ـ ١٣

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏوڌئي."
زبور 119: 130

18




25 60

19

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو تہ اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهہ چئي رهيو آهي ۽
گناهہ جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو تہ اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. تہ هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشہ لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو تہ اها سچائ آهي تہ خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو تہ توهان خُدا آهيوءِ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوءِ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهہ معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشہ
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي تہ مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڌيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

20